ٻارن لاءِ ’درس لطيف‘ جو سلسلو

# اسان جو شاهه لطيف

(ڪتاب پهريون)

سهيڙيندڙ

**ڊاڪٽر فهميده حسين**

صلاحڪار

**تاج جويو ۽ سيد شيرشاهه**

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي

حيدرآباد، سنڌ.

2012ع

Contents


هن ڪتاب بابت ........ 4
پنهنجي پاران ........ 5
شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي زندگيءَ جو مختصر احوال ........ 7
شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ نصيحت جا نُڪتا ........ 9

# هن ڪتاب بابت

هن ڪتاب ۾ اسان جي سنڌ جي تمام وڏي شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام مان ”سر ڏهر“، ”سر يمن ڪلياڻ“، ”سر بروو سنڌي“ ۽ ”سر سارنگ“ نالي سُرن مان بنيادي اخلاقي قدرن جي حوالي سان بيتن جي چونڊ ڪئي وئي آهي، جن ۾ انسانن ۾ پيار ۽ ٻڌيءَ، سچي دوستيءَ جي سڃاڻپ ۽ هڪ ٻئي سان سُٺي هلت جي سکيا ڏني وئي آهي. اُن ڪان سواءِ پنهنجي پياري وطن جي سڪ، سلامتيءَ ۽ خوشحاليءَ جي دعا سان گڏ سڄي جهان جي ماڻهن جي شاد ۽ آباد رهڻ جي دعا پڻ شامل آهي، جنهن سان شاگردن ۾ پنهنجن ديس وارن سان گڏ سموري دنيا جي انسانن سان محبت جو جذبو اجاگر ٿيندو.

# پنهنجي پاران

سڄي دنيا ۾ اهو دستور آهي تہ اتان جا تعليمي ماهر ۽ علمي ادارا پنهنجن ڏاهن، عالمن، اديبن، شاعرن ۽ سنڌن ڪم جي باري ۾ پنهنجي نئين نسل کي ڄاڻ ۽ آگاهي ڏيڻ لاءِ، انهن جي زندگين توڙي تخليقن بابت ٻاراڻا ايڊيشن ڪيندا آهن ۽ اهي نہ صرف اسڪولن ۾ 'واڌو مددگار مطالعي' (supplementary reading) لاءِ پڙهائڻ ضروري سمجهيا ويندا آهن، پر ٻارن جا مائٽ گهر ۾ انهن جي اڀياس کي همٿائيندا آهن ۽ ڪين ڪنهن ڪاميابيءَ يا سالگره وغيره جهڙن موقعن تي سوکڙيءَ طور بہ ڏيندا آهن. انگريزي ٻوليءَ جي وڏي شاعر ۽ ڊرامانگار وليم شيڪسپيئر جي مشهور ڊرامن جا مختصر ٻاراڻا ايڊيشن هجن يا اردوءَ جي شاعر علامہ اقبال بابت 'اسان جو اقبال' نالي سيريز جا ڪتاب، اهي ٻارن ۾ انهن شاعرن بابت وڏي ساڃاهہ پيدا ڪن ٿا.

سنڌي ٻوليءَ جو قومي شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، نہ صرف سنڌ، پاڪستان بلڪ سموري دنيا جي وڏن شاعرن ۾ اعليٰ مقام رکي ٿو. **'شاهہ جو رسالو'** هر سنڌيءَ جي گهر ۾ لازمي طور هوندو آهي ۽ وڏي عمر جا مرد ۽ عورتون ان مان ڪيترائي بيت پهاڪن ۽ چوڻين طور پيا ورجائيندا آهن. پر ڪجهہ وقت کان نوجوان نسل ۾ اهو تاثر اُڀريو آهي تہ شاهہ لطيف جي ٻولي ڏُکي آهي ۽ ڪين اها گهٽ سمجهہ ۾ ٿي اچي. منهنجي خيال ۾ اُن جو سبب اهو آهي، جو اسان ٻارن کي ننڍي هوندي کان شاهہ لطيف ۽ سندس ڪلام جي باري ۾ مناسب ساڃاهہ ڏيڻ ۾ ڪوتاهي ڪئي آهي. جيڪڏهن اسين ڪچيءَ کان ڪين شاهہ جا بيت ٻُڌايون ۽ ٻار جي عمر کي ڏيان ۾ رکي، درجيبندي ڪري پهرين سؤلا ۽ پوءِ آهستي آهستي ڳُوڙهي معنيٰ رکندڙ بيت سندن ڪنن ۾ وجهون ۽ انهن جي معنيٰ ڪين سمجهايون تہ وڏو ٿي ڪوبہ نوجوان ائين ڪونہ چوندو تہ شاهہ جي ٻولي ڏکي آهي. ٻوليءَ کان اڳتي شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ معنيٰ جا موتي وکريا پيا آهن. اعليٰ انساني اخلاقي قدرن، وطن دوستيءَ ۽ انسان دوستيءَ سان گڏ دنيا ۾

ڪامياب زندگي گذارڻ جا سبق پريا پيا آهن. ضروري آهي تہ پنهنجن ٻارن جي ذهني ۽ اخلاقي تربيت لاءِ اهي ڪين پڙهايا وڃن.

ڪجهہ ڏينهن اڳ محترم ڊاڪٽر سليمان شيخ صاحب ٻڌايو تہ سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي نگرانيءَ ۾ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ هلندڙ 25 ’روشن تارا‘ اسڪولن ۾ چوٿين ڪان ائين ڪلاس تائين **’شاهہ لطيف‘** پڙهايو ويندو آهي، ان لاءِ پاڻ ڪجهہ ڪتاب بہ تيار ڪرايا هئائون، جيڪي انهن اسڪولن ۾ نصابي ڪتابن طور پڙهايا ويندا آهن. وري هاڻي تازو پاڻ اها خوشخبري بہ ٻڌايائين تہ سنڌ حڪومت بہ اصولي طور اها ڳالهہ قبول ڪئي آهي ۽ جلد ئي ان ڏس ۾ ڪو فيصلو ٿيڻ وارو آهي، جنهن موجب اسڪولن ۾ **”درسِ لطيف“** جو آغاز ڪيو ويندو.

انهيءَ حوالي سان اسان بهتر سمجهيو تہ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي بہ سنڌي ٻوليءَ جي معمار ۽ محسن شاهہ لطيف جي ساڃاهہ پيدا ڪرڻ جي مقصد سان ”درسِ لطيف“ ڏيڻ لاءِ ننڍڙا ڪتابڙا ڇپرائي، پنهنجو ڪردار ادا ڪري. ان ڏس ۾ پنج ڪتابڙا تيار ڪيا ويا آهن، جن ۾ ٻارن جي عمرين کي ذهن ۾ رکي تمام سؤلا ۽ سبق آموز بيت درجيوار ڏنا ويا آهن. هر هڪ بيت ۾ موجود ڏکين لفظن جون معنائون ۽ بيت جي سمجهاڻي ڏئي، ٻارن ۾ ڪنهن نہ ڪنهن اخلاقي گڻ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. ان ڏس ۾ آءٌ محترم پروفيسر سيد شيرشاهہ ۽ محترم پروفيسر تاج جويي جي ٿورائتي آهيان، جن هنن ڪتابن کي نظر مان ڪڍيو ۽ تمام سهڻيون صلاحون ڏنيون.

مون کي اميد آهي تہ هنن ڪتابڙن ذريعي سنڌ جي ٻارن ۾ اسان جي پياري ٻوليءَ جي عظيم شاعر شاهہ لطيف جي ساڃاهہ پيدا ٿيڻ سان گڏ ساڻس اُنسيت پڻ پيدا ٿيندي.

**ـ ڊاڪٽر فهميده حسين**

# شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي زندگيءَ جو مختصر احوال

شاهه عبداللطيف ڀٽائي سنڌ جو عظيم قومي شاعر آهي. سندس والد جو نالو سيد حبيب شاهه هو. سندس تڙ ڏاڏو شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو پڻ سنڌ جي ناليوارن شاعرن مان هڪ ٿي گذريو آهي.

شاهه عبداللطيف سن 1689ع ۾ ڄائو هو. جيئن ته آخري عمر ۾ پاڻ ڀٽ شاهه تي رهائش اختيار ڪئي هئائين ۽ اتي ئي وفات ڪيائين، ان ڪري کيس "ڀٽائي" به چيو ويندو آهي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي ننڍڙي هوندي پنهنجي ڳوٺ ۾ آخوند نور محمد ڀٽيءَ جي مدرسي ۾ داخل ٿيو. ان ڪانپوءِ سندس تعليم ۽ تربيت سندس مائٽن، وڏڙن ۽ بزرگن ڪئي. پاڻ ڪيترائي ڀيرا سير سفر تي پڻ ويو ۽ سنڌ ۽ ان کان ٻاهر جا ڪيترائي ماڳ مڪان ڏٺائين ۽ گهڻن ئي ماڻهن سان مليو جنهن مان پڻ تمام گهڻو علم پرايائين ۽ ڪيترن ئي لوڪ قصن ڪهاڻين بابت معلوم ٿيس. انهن سمورين ڳالهين مٿس تمام گهڻو اثر ڪيو ۽ پاڻ انهن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ پيش ڪيائين.

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام جو ڪتاب **"شاهه جو رسالو"** سڏجي ٿو. جيڪو نه صرف سنڌ ۾ بلڪ سموري دنيا جي ادب ۾ اعليٰ درجو رکي ٿو. سندس ڪلام ۾ سنڌ جي لوڪ ڪهاڻين ۽ ڪردارن ذريعي اسان لاءِ ڪيترائي اعليٰ پيغام سمجهايل آهي. شاهه صاحب پنهنجي ڪلام ۾ زندگيءَ جي اعليٰ قدرن، پاڻ سڃاڻڻ ۽ پنهنجي خدا کي سڃاڻڻ جو پيغام ڏنو آهي. هن اسان سڀني کي بنا فرق جي سمورن انسانن سان محبت ڪرڻ جو درس به ڏنو آهي.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ پنهنجي شاعريءَ ۾ انسانن جي عام زندگيءَ کي سٺي نموني گذارڻ لاءِ تمام سهڻيون صلاحون ۽ سبق ڏنا آهن. اُن لاءِ هن پنهنجي ڪلام ۾ قرآن شريف ۽ ٻين مذهبي ۽ اعليٰ اخلاق جو سبق ڏيندڙ ڪتابن ۽ زندگيءَ جي تجربن ذريعي ڪيتريون ئي سمجهاڻيون ڏنيون آهن. ان ڪانسواءِ سنڌ جي تاريخ ۽ جاگرافيءَ، ماڻهن جي رهڻ سهڻ جي طور طريقن، رسمن رواجن جو بہ نهايت سهڻن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي.

شاهہ سائينءَ جي "رسالي" ۾ غريب ۽ مسڪين ماڻهن، توڙي اميرن جي هلت چلت جو بيان بہ آهي. هن سنڌ جي عام زندگيءَ ۾ پورهيتن جي ڪيترن طبقن جو ذڪر پڻ ڪيو آهي جن ۾ واڍا، لوهار، ڪنڀار، ڏنار، ڪوري ۽ ڪاتار شامل آهن، پر هو سيني کان وڌيڪ پيار سان پنهنجي ديس ۽ ان جي غريب ماروئڙن ۽ سانگيئڙن جو ذڪر ڪري ٿو ۽ انهن ذريعي سمورن انسانن سان هڪ جهڙي محبت ڪرڻ جو سبق ڏئي ٿو.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي سن 1752ع ۾ وفات ڪئي ۽ کيس ڀٽ شاهہ ۾ دفن ڪيو ويو. سنڌ جي حڪمران غلام شاهہ ڪلهوڙي سندس هڪ عاليشان مقبرو اڏايو هو جتي هر سال صفر مهيني جي 14 تاريخ تي سندس ساليانو عرس ملهايو ويندو آهي ۽ ٽن ڏينهن جو هڪ ميلو پڻ لڳندو آهي، جنهن ۾ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان پانڌيئڙا اچي حاضر ٿيندا آهن. انهيءَ موقعي تي هڪ ادبي ڪانفرنس بہ ڪوٺائي ويندي آهي، جنهن ۾ عالم ۽ اديب سندس رسالي جي پيغام بابت سمجهاڻيون ڏيندا آهن ۽ روزانو رات جو راڳ جي محفل ٿيندي آهي.

# شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ نصيحت جا نُڪتا

اها ڳالهه ته اسين سڀ ڄاڻون ٿا ته شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو سمورو ڪلام پنهنجي امڙ جي ٻولي سنڌيءَ ۾ چيل آهي. شاهه سائين وڏي علم ۽ فضيلت وارو انسان هو ڪيس عربي، فارسي، هندي ۽ ٻين ٻولين جي چڱي ڄاڻ هئي ۽ سندس زماني ۾ فارسيءَ ۾ شاعري ڪرڻ جو رواج به هو. اُن دور ۾ جيڪو به فارسيءَ ۾ شاعري ڪندو هو ماڻهو ان کي وڏو اڪابر سمجهندا هئا ۽ وقت جا بادشاهه کيس انعام اڪرام ڏيندا هئا، پر پوءِ به شاهه لطيف پنهنجو ڪلام سنڌيءَ ۾ چو چيو انهيءَ تي ڪڏهن توهان سوچيو آهي؟

پيارا ٻارو! شاهه سائينءَ پنهنجو ڪلام سنڌيءَ ۾ انهيءَ ڪري چيو. جو هُو پنهنجي پياري ٻوليءَ سان بيحد محبت ڪندو هو. هُو هڪ وطن دوست انسان هو. جنهن کي پنهنجي وطن، ان جي رهواسين ۽ انهن جي هرهڪ شيءِ سان پيار هو. هن سوچيو ته جيڪڏهن اسين سنڌي به پنهنجي ٻوليءَ بدران فارسيءَ يا ڪنهن ٻي ٻوليءَ ۾ شاعري ڪنداسين ته پوءِ اسان جي ٻولي شاهوڪار ڪيئن ٿيندي ۽ جيڪڏهن اسان ئي ان کي اهميت نه ڏينداسين ته پوءِ اها زنده ڪيئن رهندي؟ ماڻهن جي ساراهه ۽ انعامن اڪرامن جي پرواهه ڪرڻ بدران هن پنهنجي ٻوليءَ جي پرواهه ڪئي ۽ ان جي ڀلائيءَ جو سوچيو.

شاهه سائينءَ جي سنڌيءَ ۾ شاعري ڪرڻ سان سنڌي ٻولي ايتري ته شاهوڪار ۽ سگهاري ٿي وئي، جو اڄ اسين کيس ’سنڌي ٻوليءَ جو معمار‘ يا ٺاهيندڙ ۽ جوڙيندڙ سڏيون ٿا ۽ کيس تمام گهڻي عزت ۽ پيار سان ياد ڪريون ٿا. پر جن شاعرن پرائي ٻوليءَ ۾ شاعري ڪئي،

اڄ انهن کي ڪير بہ نٿو سڃاڻي.

شاهہ سائينءَ جي پنهنجي سنڌي ٻوليءَ ۾ پنهنجي ديس ۽ ديس وارن جي سِڪ ۾ ڪيل شاعريءَ مان اسان کي اها نصيحت ٿي ملي تہ اسان کي بہ گهرجي تہ اسين پنهنجي ٻوليءَ سان پيار ڪريون ۽ ان جي خدمت ڪرڻ لاءِ هروقت تيار رهون ۽ پنهنجي ديس ۽ اُن ۾ رهندڙ سمورن انسانن سان سڪ ۽ محبت سان گڏجي گذاريون.

●●●

## بيت: 1

وَڳر  ڪيو  وَتَن،  پِرتِ  نہَ  چِنن  پانڱ  ۾،
پسو  پَکيئڙن،  ماڻهنئان  ميٺ  گهڻو.

| | | | |
|---|---|---|---|
| وَڳر: | ولر، ٽولو | پَکيئڙن: | پکين کي |
| پِرت: | پيار، محبت | ماڻهنئان: | ماڻهن کان، انسانن کان |
| چِنن: | چِني ڏار ڪن | ميٺ: | محبت، پيار |
| پسو: | ڏسو | | |

## بيت جي سمجهاڻي

هيءُ بيت شاهہ جي رسالي جي ”سر ڏهر“ مان چونڊيو ويو آهي. هن بيت ۾ شاهہ سائينءَ پکين جي پاڻ ۾ گڏجي اُڏامڻ، داڻو چُڳڻ ۽ ڍنڍ يا نديءَ ۾ گڏ گڏ ترڻ کي هڪ مثال طور پيش ڪندي چيو آهي، تہ ڏسو تہ اُهي ڪيئن نہ پاڻ ۾ انسانن کان وڌيڪ ٻڌيءَ ۽ محبت سان گڏجي رهن ٿا ۽ ڪڏهن بہ هڪ ٻئي کان ڌار نٿا ٿين. انسانن کي بہ گهرجي تہ پاڻ ۾ ٻڌي ڪن ۽ پکين وانگر ميٺ محبت ۽ ڀائيچاري سان گڏجي رهن.

●●●

## بيت: 2

نِمي گمي نِهارِ تون، ڏمر ڏولائو،
ٿئي ساجائو، جي اُپئين اِنهيءَ پير تي.

| | | | |
|---|---|---|---|
| نمي: | نِوڙِي جُهڪي، عاجزيءَ سان | ڏولائو: | ڏک، تڪليف، مونجهارو |
| ڪَمي: | صبر سان، برداشت سان | ساجائو: | ساڃاهه، سمجهه |
| ڏمر: | ڪاوڙ، غصو چڙ، ڏاڍ | اُپئين: | تون بيهين |

### بيت جي سمجهاڻي

هيءُ بيت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي جي "سر يمن ڪلياڻ" مان ورتل آهي. هن بيت ۾ شاهه صاحب اسان کي سمجهايو آهي تہ انسان کي پين ماڻهن سان نوڙت ۽ نياز سان هلت رکڻ گهرجي ۽ اجائي چڙ ۽ ڪاوڙ کان پاسو ڪرڻ گهرجي، ڇو تہ انهيءَ سان تڪليف ۽ مونجهارو پيدا ٿيندو آهي. جيڪڏهن انهيءَ نصيحت تي عمل ڪبو تہ مونجهارو ختم ٿيندو ۽ ڳالهہ سمجهہ ۾ ايندي.

●●●

## بيت: 3

يارُ سڏائي سيڪو، جاني، زباني،
آهي آساني، ڪَمَ پئي ٿي ڪَلَ پوي!

جاني: دلي دوست آساني: سولائي
زباني: زبان سان، واتَ سان ڪَلَ: خبر

## بيت جي سمجهاڻي

هيءُ بيت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي جي ”بروو سنڌي“ نالي سُر مان ورتو ويو آهي. هن بيت ۾ شاهه صاحب سمجهايو آهي تہ هن دنيا ۾ توهان کي ڪيترائي دوست ملندا، جيڪي زبان سان دوستيءَ جو دم هڻندا. پر سندن دوستي سچي آهي يا ڪوڙي، اها خبر اوسيتائين ڪا نہ پوندي، جيستائين توهان جو ڪو ڪم اُنهن ۾ پوي. ان ڪري ضروري آهي تہ هر ڪنهن سان دوستي ڪرڻ بدران سوچي سمجهي سچي ۽ صحيح ماڻهوءَ سان دوستي ڪرڻ گهرجي.

●●●

## بيت: 4

سُتا اُٿي جاڳُ، ننڊَ نہ ڪجي ايتري،
سلطاني سُهاڳُ، ننڊُن ڪندي نہ ملي.

سُتا: اي سُتل! ننڊ ۾ سُتل، غافل
ايتري: ايڏي، گهڻي

جاڳ: سجاڳ ٿيءُ
سلطاني: وڏو انعام، وڏي سعادت،

سهاڳ: اعليٰ مقصد

### بيت جي سمجهاڻي

هيءُ بيت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي "سُر ڏهر" مان چونڊيو ويو آهي، هن بيت ۾ انسان کي اها نصيحت ڪئي وئي آهي تہ اي غافل، سست ۽ ننڊون ڪندڙ انسانَ، ننڊ مان اُٿي سجاڳ ٿي، ڇو تہ اها غفلت واري ننڊ تنهنجي اعليٰ مقصد کي حاصل ڪرڻ واري راهہ ۾ رڪاوٽ آهي. هيءَ دنيا عمل ڪرڻ جي جاءِ آهي ۽ زندگيءَ ۾ ڪو اعليٰ مرتبو ۽ وڏي سعادت حاصل ڪرڻ لاءِ سجاڳ رَهي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي.

•••

## بيت: 5

سائِينمِ! سدائين ڪرين، مٿي سِنڌ سُڪار،
دوست مٺا دلدار، عالَمَ سڀ آباد ڪرين!

سائينم: منهنجا سائين، منهنجا الله سائين
عالم: ساروجهان، سڄي دنيا
سُڪار: خوشحالي، آبادي، سُک
آباد: سکيو ستابو، آسودو
دلدار: محبوب، دل گهريو دوست

## بيت جي سمجهاڻي

هيءُ بيت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي جي ”سرسارنگ“ مان ورتو ويو آهي. هن بيت ۾ شاهه لطيفَ الله سائين کان دعا گهري آهي ته، اي منهنجا مولا! تون پنهنجو ڪرم ڪري اسان جي وطن سنڌ کي سدائين خوشحال، شاد ۽ آباد رک. اُن سان گڏ اي منهنجا محبوب رب! تون سموريءَ دنيا کي بہ سُکيو ستابو ۽ آسودو رک.

●●●

# مشق

سوال1: (i) شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي والد جو نالو ڇا هو؟

(ii) سچو دوست ڪنهن کي چئبو آهي ؟

(iii) شاهہ سائين سُٺي هلت هلڻ لاءِ ڪهڙو ڏس ڏنو آهي؟

(iv) اسان کي پکين کان ڇا سکڻ گهرجي؟

(v) شاهہ سائين سنڌ ءِ سموري دنيا کي ڪهڙي دعا ڏني آهي؟

سوال 2: هيٺ ڏنل لفظن جا ضد لکو:

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| ميٺ | | سُڪار | |
| ڇنن | | آباد | |
| آساني | | دوست | |
| ننڊ | | | |

●●●